هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنتن ڀريو بيان

09-06-2016



## الله وارن جا روزا

(Sindhi)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اللّٰه وارن جا روزا

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله　　وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله　　وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود جي فضيلت

رحمت عالم، شفيع امم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ رحمت نشان آهي: جيڪو مون تي دُرود پڙهندو آهي، ان جو دُرود مون تائين پهچي ويندو آهي، مان ان جي لاءِ اِستِغفار ڪندو آهيان ۽ ان کان علاوه ان جي لاءِ ڏهه (10) نيڪيون لکيون وينديون آهن.[1]

ذات هوئی اِنتِخاب وَصف هوئے لاجواب　　نام هوا مُصطَفٰے تم پہ کروڑوں دُرود

(حدائقِ بخشش،ص٢٦٤)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ...معجم اوسط ،من اسمہ احمد،۱/۴۴۶،رقم:۱۶۴۲



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجھڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! اُذْكُرُوا الله, تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ

"ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي



www.dawateislami.net

نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ته ناهي ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺٺ ٺوڪر ڪرڻ ۽ ڪرائڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ڪرڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جو بيحد شُڪر آهي جو ان اسان کي زندگي ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر رحمتن، برڪتن سان مالا مال، عظيم الشّان مهيني يعني رمضانُ المبارڪ جون عظيم گهڙيون عطا ڪيون آهن، اڄ رمضان جو پهريون هفتيوار اجتماع آهي، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي هن مُبارڪ مهيني جو خوب خوب فيضان ماڻڻ جي توفيق عطا فرمائي، اي ڪاش! سمورا روزا ظاهري ۽ باطني آداب سان رکڻ ۾ اسان ڪامياب ٿي وڃون، خشوع و خضوع سان فرض نمازون، نفل ۽ تراويح نماز ادا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، تلاوتِ قرآنِ ڪريم جو خوب جذبو نصيب ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## سَتُو سان اِفطاري

حضرت سَيدُنا صالح رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ حضرت سَيدُنا خُلَيد بن حسّان رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ کان روايت کن ٿا: حضرت سَيدُنا حسن بصري رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ سخت گرمين ۾ بہ نفل روزا رکندا هئا. هڪ ڏينهن اسان اِفطاري جي وقت کاڌو کڻي سندن بارگاهه ۾ حاضر ٿياسين. جڏهن پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ اسان جي کاڌي سان روزو اِفطار ڪرڻ چاهيو تہ ڪنهن قرآنِ ڪريم جي هيءَ آيت تلاوت ڪئي:

اِنَّ لَدَیْنَاۤ اَنْكَالًا وَّ جَحِیْمًاۙ(۱۲) وَّ طَعَامًا ذَا غُصَّةٍ وَّ عَذَابًا اَلِیْمًاۗ(۱۳)

(پ۲۹،المزمل: ۱۲-۱۳)

**ترجمو ڪنز الايمان:** بيشڪ اسان وٽ وزني بيڙيون آهن ۽ جيئي ڏيندڙ باھ ۽ نڙي ۾ ڦاسي پوندڙ کاڌو ۽ درد ناڪ عذاب.

اها آيت ٻڌندي ئي پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ پنهنجو هٿ کاڌي کان روڪيو ۽ هڪ گرهہ بہ نہ کاڌائون ۽ فرمايائون: اِهو کاڌو هتان کان کڻي وڃو، ٻئي ڏينهن بيهر پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ روزو رکيو. اِفطار جي وقت جڏهن سندن جي اڳيان کاڌو رکيو ويو تہ وري اها آيت ياد آئي. پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ هڪ گرهہ بہ نہ کاڌو ۽ فرمايائون: اهو کاڌو مون کان پري کڻي وڃو. اهڙي طرح ٽئي ڏينهن بہ پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ بنا ڪجهه کائڻ پيئڻ جي روزو رکي ورتو. پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ جي پٽ جڏهن سندن اها حالت ڏٺي تہ پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ بنا کائڻ پيئڻ جي ٽي ڏينهن گذاريا آهن تہ اهي گهڻا پريشان ٿيا ۽ زماني جي مشهور ولي حضرت سَيدُنا ثابت بُناني، حضرت سَيدُنا يحييٰ ۽ ٻين اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: حضور! اوهان جلد از جلد منهنجي والد جي مدد لاءِ پهچو، اُنهن مسلسل ٽي (3) ڏينهن صرف ڪجهه ڍُڪ پاڻي پي ڪري روزا رکيا آهن ۽ ٽي (3) ڏينهن



www.dawateislami.net

ڪان ڪاڏي جو هڪ گرھ تائين ناهي ڪاڏو، اسان جڏهن بہ سندن اڳيان سحري يا اِفطاري جي لاءِ ڪاڏو رکندا آهيون تہ انهن کي قرآنِ ڪريم جي اها آيت سڳوري ياد اچي ويندي آهي:

اِنَّ لَدَیۡنَاۤ اَنۡکَالًا وَّ جَحِیۡمًا ﴿ۙ۱۲﴾ وَّ طَعَامًا ذَا غُصَّۃٍ وَّ عَذَابًا اَلِیۡمًا ﴿٭۱۳﴾

(پ۲۹،المزمل: ۱۲-۱۳)

**ترجمو ڪنز الايمان:** بيشڪ اسان وٽ وزني بيڙيون آهن ۽ ڀڙڪندڙ باھ ۽ نڙي ۾ ڦاسي پوندڙ ڪاڏو ۽ درد ناڪ عذاب.

هن آيت جي ياد ايندي ئي اُهي ڪاڏو کائڻ کان اِنڪار ڪري ڇڏيندا آهن، خدارا! جلدي هلو ۽ اهو معاملو حل فرمايو. اهو ٻڌي تمام حضرات حضرت سَيِّدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه وٽ آيا، جڏهن اِفطاري جو وقت ٿيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي اها آيت ياد اچي وئي ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائون پر جڏهن حضرت سَيِّدُنا ثابت بُناني، حضرت سَيِّدُنا يحييٰ ۽ ٻين بزرگن سڳورن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی لاڳيتو زور پريو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه وڏي مشڪل سان سَتّو مليل پاڻي پيئڻ تي راضي ٿيا ۽ اُنهن ماڻهن جي اِصرار تي ٽئي ڏينهن سَتّو مليل شربت پيتائون.[1]

مجھ کو بھوک وپیاس سہنے کی خُدا توفیق دے
گُم تِری یادوں میں رہنے کی سَدا توفیق دے

(فيضانِ سُنت،جلد اول،ص۶۶۲)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! ڏٺو اوهان تہ اللہ وارا عبادات جي معاملي ۾ ڪهڙي زبردست مَدَني سوچ رکڻ وارا ۽ روزن جا ڪيتري قدر ديوانا هوندا هئا

---

[1]...عيون الحکايات حصہ اول،ص۳۷۰بتغير قليل



www.dawateislami.net

جو توڙي پاڻي ۾ هوا طبيعت جي مُوافِق هجي يا نہ هجي ايستائين جو ڪيڏي بہ شديد گرمي هجي پر ان جي باوُجُود اهي الله وارا بُک ۾ اُڃ کي خُوشي سان برداشت ڪندا هئا، هنن پاڪ هستين جي هڪ ئي ڌُن هوندي هئي تہ بس ڪهڙي طرح رِضاءِ الٰهي ۽ قُربِ خداوندي نصيب ٿي وڃي، جيئن بيان ڪيل حڪايت مان صاف ظاهر آهي تہ حضرت سَيِدُنا حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي روزن سان ايتري قدر والهانہ لڳاؤ هو جو سخت ترين گرمين ۾ بہ روزا رکندا هئا، پر بدقسمتي سان اسان مان هڪ تعداد گرمي جو بهانو ڪري روزا رکڻ کان ڪيٻائن ٿا، بيشڪ الله وارن کي يقين هو تہ محشر ۽ دوزخ جي گرمي دُنياوي گرمي کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ آهي، جيڪو خُوش نصيب رِضاءِ الٰهي جي خاطر هتي دُنياوي گرمي کي برداشت ڪري روزا رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو تہ اِنۡ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ آخرت ۾ سُڪون ماڻيندو. ان ڪري گرمي جي ڏينهن ۾ رَمَضان جا فرض روزا هجن يا رَمَضان جي علاوه نفل روزا، اسان کي اها ڳالهہ ذهن نشين رکڻ گهرجي تہ گرمي جي حَرارت ۽ بک ۽ اُڃ جي شِدّت جيتري قَدَر گهڻي مَحسوس ٿيندي صَبر ڪرڻ تي اِنۡ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ثواب بہ ايتري قَدَر گهڻو ملندو، جيئن منقول آهي،" اَفۡضَلُ الۡعِبَادَاتِ اَحۡمَزُهَا "يعني افضل عبادت اها آهي جنهن ۾ زحمت (يعني تڪليف) گهڻي آهي." [1] امام شرف الدين نَوَوِي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا،"يعني عبادتن ۾ تڪليف ۽ خرچ زياده ٿيڻ سان ثواب ۽ فضيلت زياده ٿي ويندي آهي." [2] حضرت سيّدنا ابراهيم بن ادهم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو فرمانِ معظم

---

[1] …تفسير كبير،پ٢٩،المزمل،تحت الآية:١٠،٦٨٥/٦

[2] …شرحنووى،مذاہب العلماء فى تحليل ...الخ،الجزء٨،١٥٢/٤



www.dawateislami.net

آهي، ”دنيا ۾ جيڪو نيڪ عمل جيڏو ڏکيو هوندو قيامت جي ڏينهن نيڪين جي پُلڙي ۾ اوترو ئي وڏيڪ وزن دار ٿيندو.“[1]

عاصیوں کی مغفرت کا لیکر آیا ہے پیام
جھوم جاؤ مجرمو! رمضاں مہِ غُفراں ہے
وسائلِ بخشش مُرَمّم،ص۷۰۶

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جو نفس جيئن تہ سهولت پسند آهي تنهنڪري هن ڪي هر وقت عيش ۽ راحت ڪپي ۽ اهو عبادات جي محنت ۽ مشقت کان گهبرائيندو ۽ پاسو ڪندو آهي مثال طور جڏهن هڪ مسلمان روزو رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ نفس طرح طرح جي حيلن بهانن سان مختلف عُذر ياد ڪرائي روزو رکڻ کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، مثال طور : هاڻي تہ شديد گرمي آهي، حالات سازگار نہ آهن، ڪم ڪار ڪيئن ٿيندو، طبيعت خراب ٿي ويندي، بعد ۾ رکي ونجو وغيره وغيره، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان نفس جي دوکي ۾ نہ اچون، روزا توڙي سياري ۾ اچن يا سخت گرمين ۾، بنا شرعي سبب جي فرض روزا بلڪل نہ ڇڏجن، بلڪ روزي رکڻ جي بدلي ملڻ واري انعاماتِ خداوندي تي نظر رکون ، جو الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پاڪيزه ڪلام ۾ روزو رکڻ وارن ۽ وارين جو نہ صرف ذڪرِ خير ڪيو آهي بلڪ اُنهن کي بخشش ۽ وڏي اِنعام جي خُوشخبري سان بہ نوازيو آهي جيئن

[1] ...تذكرة الاولياء،باب يازدہم،ذكر ابراہيم بن ادهم، ص۹۵



www.dawateislami.net

سيپاري 22 سورةُ الاَحْزاب جي آيت نمبر 35 ۾ ارشادِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ آهي:

اِنَّ الْمُسْلِمِيْنَ وَ الْمُسْلِمٰتِ وَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ وَ الْقٰنِتِيْنَ وَ الْقٰنِتٰتِ وَ الصّٰدِقِيْنَ وَ الصّٰدِقٰتِ وَ الصّٰبِرِيْنَ وَ الصّٰبِرٰتِ وَ الْخٰشِعِيْنَ وَ الْخٰشِعٰتِ وَ الْمُتَصَدِّقِيْنَ وَ الْمُتَصَدِّقٰتِ وَ الصَّآىٕمِيْنَ وَ الصّٰٓىٕمٰتِ وَ الْحٰفِظِيْنَ فُرُوْجَهُمْ وَ الْحٰفِظٰتِ وَ الذّٰكِرِيْنَ اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّ الذّٰكِرٰتِ ۙ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۳۵﴾

(پ۲۲،الاحزاب:۳۵)

ترجَمو كنزالايمان: بيشڪ مسلمان مرد ۽ مسلمان عورتون ۽ ايمان وارا ۽ ايمان واريون ۽ فرمانبردار مرد ۽ فرمانبردار عورتون ۽ سچّا مرد ۽ سچّيون عورتون ۽ صبر وارا ۽ صبر واريون ۽ عاجزي ڪرڻ وارا ۽ عاجزي ڪرڻ واريون ۽ خيرات ڪرڻ وارا ۽ خيرات ڪرڻ واريون ۽ روزي وارا ۽ روزي واريون ۽ پنهنجي پارسائي جي نگاهه رکڻ وارا ۽ نگاهه رکڻ واريون ۽ الله کي گهڻو ياد ڪرڻ وارا ۽ ياد ڪرڻ واريون هنن سڀني جي لاءِ الله بخشش ۽ وڏو ثواب تيار ڪري رکيو آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح قرآنِ ڪريم ۾ روزو رکڻ وارن جي ساراهه بيان ڪئي وئي آهي ۽ اُنهن کي بخشش ۽ وڏي ثواب جي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي اهڙي طرح احاديثِ مُبارڪ به روزن جي فضيلت سان مالا مال آهن، جنهن ۾ روزيدارن جي لاءِ مختلف خُوشخبريون بيان ٿيون آهن، اچو!ته هن باري ۾ 3 فرمانِ مُصْطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا:



www.dawateislami.net

1. جنهن الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ هڪ ڏينهن جو فرض روزو رکيو، الله عَزَّوَجَلَّ اُن کي جهنّم کان ايترو پري ڪندو جيترو ستن زمينن ۽ آسمانن جي وچ ۾ فاصِلو آهي.[1]

2. جيڪو ڪنهن ڏينهن رِضاءِ اِلٰهي جي لاءِ روزو رکيو ته ان جو خاتِمو به انهيءَ تي ٿيندو ۽ اهو جنت ۾ داخل ٿيندو.[2]

3. جنهن به هڪ ڏينهن جو روزو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ رکيو. الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جهنّم کان ايڏو پري ڪري ڇڏيندو جيترو فاصلو هڪ ڪانءُ ننڍپڻ کان پوڙهو ٿي ڪري مرڻ تائين مسلسل اڏرندي طئي ڪري سگهندو آهي[3]

مُفسّرِ شَهير،حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هن حديث شريف تحت فرمائن ٿا: ڪانءُ جي طبعي عمر هڪ هزار(1000) سال آهي ۽ اهو گهڻو تيز اڏامندو آهي هتي دوزخ کان انتهائي دُوري ٻڌائڻ جي لاءِ مثال طور ارشاد فرمايائون ته ڪانءُ جو ٻچو جيڪڏهن پيدا ٿيندي ئي اڏامڻ شروع ڪري ۽ مرڻ گهڙي يعني هڪ هزار(1000) سال تائين لاڳيتو اڏامندو رهي ته اندازو لڳائي ونو ته پنهنجي آکيري کان ڪيترو پري تائين وڃي سگهندو، رَبّ تعاليٰ ان روزي دار کي دوزخ کان ايترو پري رکندو.[4]

---

[1]...معجم ڪبير، ماساند عتبة بن عبد ...الخ،۱۲۰/۱۷، حديث: ۲۹۵

[2]...مسند احمد،حديث حذيفة بن اليمان ،۹۰/۹،حديث:۲۳۳۸۴

[3]...مسند احمد، مسند ابی هريرة،۶۱۹/۳،حديث:۱۰۸۱۰

[4]...مرآة المناجيح،۱۹۷/۳



www.dawateislami.net

نماز و روزه وحجّ و زكوٰة كی توفيق     عطا ہو اُمّتِ محبوب كو سَدا يارَبّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته روزو رکڻ جا ڪيترا عظيمُ الشّان فضائل قرآن ۽ حديث ۾ بيان ڪيا ويا آهن جو روزيدارن جي لاءِ نه صرف بخشش و مغفرت ۽ عظيم اجر و ثواب آهي، بلڪ خير تي خاتمي جي خُوشخبري آهي، تنهنڪري اسان کي به رِضاءِ الٰهي جي لاءِ روزي جهڙي عظيم عبادت جو ذوق و شوق پنهنجي دل ۾ پيدا ڪرڻ گهرجي، بلڪ هن مُعاملي ۾ الله وارن جي نقشِ قدم تي هلڻ گهرجي جو اهي حضرات روزي جي ڪري بُک ۽ اُڃ برداشت ڪرڻ ۾ سردي گرمي جي ڪا پرواهه نه ڪندا هئا بلڪ انتهائي سخت گرمي ۾ به روزو رکندا هئا اچو هن باري ۾ هڪ حڪايت ٻڌون ٿا، هن جي برڪت سان اسان ۾ به اِنْ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ روزو رکڻ جو جذبو وڌندو جيئن

## قيامت جي سخت اُڃ مان ڇوٽڪارو

حضرتِ سيدُنا ابُو موسيٰ اَشْعَرِي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا:هڪ ڀيري اسان ساموندي رستي تان جهاد جي لاءِ وڃي رهيا هئاسين، اسان جي ٻيڙي سمنڊ جو سينو چيرندي منزل ڏانهن وڌي رهي هئي، ايتري ۾ هڪ غيبي آواز سيني کي حيران ڪري ڇڏيو، ڪو چوڻ وارو چئي رهيو هو: اي ٻيڙي وارؤ! ترسو! مان اوهان کي هڪ اَهم ڳالهه ٻڌايان ٿو، اهو آواز ڇهه ست(6،7) ڀيرا ٻڌڻ ۾ آيو ته مان ٻيڙي جي ڇبُوتري تي بيهي رهيس ۽ چيو: تون ڪير آهين ۽ ڪٿي آهين؟ ڇا تو کي خبر آهي ته اسان هن وقت ڪٿي آهيون؟ اسان سمنڊ جي وچ ۾ ڪهڙي طرح بيهي سگهون ٿا؟ اڃا مون



www.dawateislami.net

پنهنجي ڳالھ مڪمل ڪئي ھئي جوعجب مُبَلّغ جو غيبي آواز گونجيو: چا مان توھان کي اھڙي ڳالھ جي خبر نہ ڏيان جوَ جنھن کي الله عَزَّوَجَلَّ پنھنجي ڪرم جي ذمي تي لازم ڪيو آھي؟ مون چيو: چو نہ! اسان کي ضرور اھڙي شيءِ جي بابت ٻُڌاء. آواز آيو: ٻڌو! الله عَزَّوَجَلَّ پنھنجي ڪرم جي ذمي تي اھا ڳالھ لازم ڪئي آھي تہ جيڪو گرمين جي ڏينھن ۾ (روزي جي حالت ۾) رِضاءِ الٰھي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پنھنجو پاڻ کي اُڃايل رکندو، الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي موتمار گرمي ۾ ان کي سيراب ڪندو. پوءِ حضرتِ سيدُنا ابُو موسيٰ اَشْعَرِي رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ اھڙو پنھنجو معمول بڻايو جو اھڙن شديد گرم ڏينھن ۾ بہ روزو رکندا ھئا، جنھن ۾ انسان گرمي جي شِدّت ۾ ذرا ذرا تي ويندو آھي.[1]

دوجہاں کی نعمتیں ملتی ہیں روزہ دار کو
جو نہیں رکھتا ہے روزہ وہ بڑا نادان ہے

وسائلِ بخشش مُرَمّم،ص۷۰۶

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گھرجي تہ پنھنجي آخرت جو فڪر ڪندي قيامت جي شديد گرمي ۽ سخت اُڃ کي ياد ڪيون ۽ بالخُصُوص رَمَضانُ المُبارَڪ جي فرض روزن جي معاملي ۾ دُنيا جي معمولي گرمي کي دل ۾ نہ آڻيون، بلڪ جيستائين ساھ جاري آھن نماز روزي، صدقي، خيرات ۽ خُوب خُوب نيڪ عمل جي ذريعي آخرت جي ڊگھي سفر جي تياري ۾ مصروف رھون.

---

[1] ...عيون الحڪايات حصہ دوم،ص۳۴۵



www.dawateislami.net

منقول آهي: اَلدُّنیا مَزرَعَۃُ الاٰخِرَۃِ **يعني دُنيا آخرت جي پني آهي.** تنهنڪري جيڪو دُنيا ۾ پوکيندا سين اهو ئي آخرت ۾ لُڻندا سين، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن آخرت جي گرمي ۽ هولناڪي کي پيشِ نظر رکندا سين ته دُنياوي گرمي ۾ روزا رکڻ ڪيتري قدر آسان ٿي ويندا.

نبي اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ واٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت سيدُنا ابُو ذرغِفَاري رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کي ارشاد فرمايو: اي ابو ذر! جڏهن توهان ڪنهن (دُنياوي) سفر جو ارادو ڪندا آهيو ته ان جي لاءِ تياري ضرور ڪندا آهيو ته سفرِ آخرت (جي تياري) جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي؟ (يعني دُنياوي سفر جي مقابلي ۾ سفرِ آخرت جي تياري ڪيتري قدر وڌيڪ ضروري آهي) اي ابُوذر! ڇا مان توهان کي انهن شين جي باري ۾ نه ٻڌايان جيڪي توهان کي ان ڏينهن فائدو پهچائينديون؟ عرض ڪيائون: منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! ضرور ٻڌايو. ارشاد فرمايائون: قيامت جي ڏينهن جي لاءِ سخت گرمي واري ڏينهن روزو رکو، قبر جي وحشت جي لاءِ رات جي اونداهي ۾ ٻه (2) رڪعتون پڙهو، وڏن وڏن (پيش اچڻ وارن) معاملن جي لاءِ حج ڪيو ۽ ڪنهن مسڪين کي ڪا شيءِ ڏئي يا حق ڳالهه چئي يا ڪنهن بُري ڪلمي کان خاموشي ڪري صَدَقو ڪيو.[1]

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ٻڌو اوهان ته اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصْطَفٰي صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي پياري صحابي حضرت ابُو رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ

---

[1]...موسوعۃ لابن ابی الدنیا،التھجد وقیام اللیل،۲۴۷/۱،حدیث:۱۰



www.dawateislami.net

تي ڪهڙي خُوبصورت ۽ دلچسپ انداز ۾ انفرادي ڪوشش ڪندي ۽ اُنهن ڪي دُنياوي سفر جي مثال ڏيندي سفرِ آخرت جا ڪهڙا قيمتي مدني گُل عطا فرمايا، هن حديث شريف مان اها بہ خبر ملي تہ جهڙي طرح دُنياوي سفر تي روانو ٿيڻ وقت انسان سفر ۾ ڪم ايندڙ ضروري سامان ڪي گڏ رکندو آهي اهڙي طرح آخرت جي سفر تي روانو ٿيڻ کان پهريان پهريان هن سفر ۾ ڪم اچڻ وارن نيڪ عملن جو ذخيرو بہ لازمي گڏ ڪرڻ گهرجي، سفرِ آخرت جي تياري جي سلسلي ۾ هن حديثِ پاڪ ۾ بيان ڪيل نصيحتون ايتري قدر تاثير واريون آهن جو حضرتِ ابُو ذَر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان ٻڌي انهيءَ انداز ۾ ٻين تائين اهي نصيحتون پهچايون جيئن

## ڏکھي سَفر لاءِ سامان

حضرت سَيدُنا سُفيان ثوري رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا تہ حضرتِ سَيدُنا ابُو ذَر غِفَاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪعبي وٽ بيهي ڪري پُڪاريو: اي انسانو! مان جُندب غِفَاري آهيان، هيڏانهن اچو پنهنجي خير خواه شَفِيق ڀاءُ وٽ، جڏهن تمام ماڻهو سندن چوڌاري گڏ ٿيا تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ انهن کان پڇيو: اهو ٻڌايو تہ جيڪڏهن توهان مان ڪو ڪنهن سَفر جو اِرادو ڪري تہ ڇا اهو پاڻ سان سفر جو سامان نہ کڻندو جيڪو ان ڪي ڪم ايندو ۽ منزِلِ مَقصُود تائين پهچائي ڇڏي؟ سيني عَرض ڪيو: ها، ڇو نہ، تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ (اُنهن ڪي دُنيا جي حرِص کان بچائڻ ۽ آخرت جي حرِص جي ترغيب ڏيارڻ جي لاءِ نصيحت ڪندي) اِرشاد فرمايائون: يقيناً سَفرِ آخرت ان سَفر کان گهڻو ڏکھو آهي جنهن جو توهان هتي ارادو ڪندا آهيو، ان ڪري (ان جي لاءِ) اهي شيون کڻو جيڪي اوهان ڪي فائدو پهچائن. ماڻهن پڇيو تہ اهي ڪهڙيون



www.dawateislami.net

شيون آهن؟ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايائون: عظيم مَقصدن جي لاءِ حج ڪيو ، قيامت جي ڏکي ڏينهن جي پيشِ نظر سخت گرمي ۾ روزو رکو، قبر جي وحشت کان بچڻ جي لاءِ رات جي اونداهي ۾ نفل پڙهو، (ان) وڏي ڏينهن ۾ بيهڻ جو خيال ڪندي چڱي ڳالھ چئو ۽ بُري ڳالھ کان پاسو ڪيو، قيامت جي دُشواري کان بچڻ جي اُمّيد تي پنهنجي مال مان صَدَقو اَدَا ڪيو .[1]

صَـلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي آخرت جي بهتري جي لاءِ انهن نصيحتن تي عمل ڪندي قبر جي اونداهي کان حفاظت جي لاءِ رات ۾ ڪجھ نہ ڪجھ نفلن جي ادائيگي جو معمول بڻايون، توفيق مطابق صَدَقو ۽ خيرات ڪيون، هميشہ زبان جو قُفلِ مدينہ لڳائيندي بُرين ڳالهين کان زبان کي روڪي رکون ۽ ضرورت پوڻ تي صرف چڱيون ڳالهيون ئي زبان مان ڪڍون ۽ قيامت جي تپندڙ گرمي کان بچڻ جي لاءِ دُنيا جي گرمي ۾ روزا رکون، اسان جا بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين فڪرِ آخرت جي ڪري ايتري قدر ڪثرت سان روزا رکندا هئا جو بعض بزرگ تہ مسلسل ڪيئي ڪيئي سال روزا رکي گذاري ڇڏيندا هئا جيئن تہ

## هميشہ روزا رکندا هئا

حضرتِ سيدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ هميشہ نفلي روزا رکندا هئا ۽

[1] ...صفة الصفوة،ابو ذر جُنْدُب بن جُنَادة،الجزء:۱، ۳۰۱/۱،رقم:۶۴



www.dawateislami.net

رات جي ابتِدائي حصّي ۾ آرام فرمائي باقي رات قِيام (يعني عبادت) ڪندا هئا.[1]

## روزن جي ڪثرت سان رنگت پيلي ٿي وئي

حضرت سَيدُنا اَسْوَد بن يزيد رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه عبادت ۽ رياضت ۾ خُوب ڪوشش ڪندا هئا. تمام گهڻي عبادات ڪندا هئا۽ بڪثرت روزا رکندا هئا ايستائين جو سندن رنگ ساواڻ مائل ۽ پِيلو ٿي ويو.[2]

## مسلسل چاليهه(40) سالن تائين روزا

حضرتِ سيّدُنا داود طائي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه مسلسل چاليهه سالن تائين روزا رکندا رهيا پر پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي اخلاص جو هي عالم هيو جو پنهنجي گهر وارن کي بہ خبر ٿيڻ نہ ڏنائون. ڪم تي ويندي منجهند جو ڪاڌو ساڻ کڻي ويندا هئا ۽ رستي ۾ ڪنهن کي ڏئي ڇڏيندا هئا۽ سانجهيءَ ڪانپوءِ گهر اچي ڪاڌو ڪائي وٺندا هئا.[3]

## 60 سال تائين سڄي ڏينهن روزوءِ سڄي رات عبادت

حضرت سيدُنا منصوربن مُعْتَمِر رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه 60 سال اهڙي طرح گُذاريا جو رات ۾ قيام ڪندا هئا ۽ ڏينهن ۾ روزو رکندا هئا.[4]

---

[1] ...مصنف ابن ابی شيبہ،کتاب صلاة التطوع والامامۃ ،من کان يامر بقيام الليل،۱۷۳/۲،رقم:۶

[2] ...عيون الحکايات حصہ اول، ص۵۱

[3] ...معدِنِ اَخلاق حصّہ اول ،ص ۱۸۲بتغير قليل

[4] ...152 رحمت بھری حکايات،ص۷۸بتغير قليل



www.dawateislami.net

## هڪ ڏينهن ڇڏي ڪري هڪ ڏينهن روزو

حضرت سيدُناعلاّمہ شيخ عِماد ُالدّين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جيڪي وڏا عظيم فقيہ ۽ مُفْتي هئا. نهايت عبادت گُذار ۽ پرهيزگار هئا، نفل روزن ۽ نفلن جي ڪثرت ڪندا هئا، هڪ ڏينهن ڇڏي هڪ ڏينهن روزو رکندا هئا.(1)

## روزن جي گهٽائي سان چيلھ جهڪي وئي

حضرت سَيدُناعيسيٰ بن زاذان اُبُلِّي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ڪثرت سان روزا رکندا هئا جنهن جي ڪري سندن جي چيلھ جهڪي وئي ۽ آوازبند ٿي ويو.(2)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اسان جي نيڪ بزرگن کي روزن جو ڪيترو قدر شوق هو جو چاليهہ چاليهہ (40، 40) سال،سٺ سٺ (60،60) سال بلڪ ڪجهہ تہ هميشہ روزا رکندا هئا ۽ اِخْلاص جو هي عالَم هو جو گهر وارن کي بہ نہ ٻڌائيندا هئا ، تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ رَمَضانُ المُبارَڪ جي فرض روزن جي ادائيگي سان گڏوگڏ رجَبُ الْمُرَجَّب، شَعْبانُ الْمُعَظَّم، شَش عيد، سومر ۽ جمعرات ۽ ايامِ بيض (يعني مدني مهيني جي15،14،13تاريخ) وغيره جي نفلي روزن جو بہ خُوب خُوب اهتمام ڪندا رهون جو نفل روزن جي بہ تمام گهڻي فضيلت آهي.

اسان جي پياري آقا،مڪي مدني مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو شخص هڪ ڏينهن نَفل روزو رکندو جيڪڏهن ان کي

---

1...152 رحمت بهری حکايات،ص۲۶۰ملخصاً

2...152 رحمت بهری حکايات، ص۲۷۲



www.dawateislami.net

زمين برابر بہ سون ڏنو وڃي تہ تڏهن ان جو ثواب پُورو نہ ٿيندو، اُن جو ثواب تہ قيامت جي ڏينهن ئي ملندو.(1)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنَّت،باني دعوتِ اسلامي، حَضْرتِ علّامہ مَولانا ابُوبلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه کي بہ نفل روزن سان گهڻو پيار آهي. اهو ئي سبب آهي جو پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه سال جي ممنوع ڏينهن کان علاوه اڪثر روزي سان هوندا آهن. اِن کان علاوه سڄي رَجَب ۽ ٻين مُقدَّس مهينن جي روزي رکڻ سان گڏوگڏ هر سومر شريف جو روزو رکڻ جي بہ ڀرپُور ترغيب ڏياريندا آهن. سندن ترغيب جي بدولت ڪوڙ سارا اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون رَجَبُ الْمُرَجَّب جا سمورا نہ تہ اڪثر ڏينهن روزا رکڻ جي سعادت بہ حاصل ڪندا آهن ۽ سومر شريف جو روزو رکڻ وارن جو بہ هڪ وڏو تعداد آهي.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم”يوم تعطيل براءِ اِعتِڪاف“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪ بنجڻ بنائڻ، دُنيا ۽ آخرت ۾ عظمت ماڻڻ، مُعاشري مان بي حيائي جي سيلاب کي روڪڻ، موسم جي گرمي جي پرواھ ڪرڻ بغير اِستقامت سان رَمَضانُ الْمُبارَڪ جا روزا رکڻ ۽ نفلي روزن جو جذبو بہ پنهنجي دل ۾ بيدار ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ وڌيڪ تَرقّي جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ بہ وڌ کان وڌ حصو وٺو، ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم”يومِ تَعْطِيل براءِ اِعْتِڪاف“ بہ آهي ان

---

1...مسندابى يعلى ،مسند ابى هريرة،۵/۳۵۳، حديث: ۶۱۰۴



www.dawateislami.net

ڪري تمام اسلامي ڀائرن سان عرض آهي تہ حُصُولِ ثواب جي لاءِ يومِ تَعْطِيل اِعْتِڪاف جي ترڪيب ڪن.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اهو اِعْتِڪاف مسجد ۾ ٿيندو آهي تہ ان سان مسجدون بہ آباد رهنديون ۽ مسجد جي آداب جو خيال رکڻ ۽ هر طرح جي بي اَدَبي کان بچڻ جي صُورت ۾ اسان جو مسجد ۾ گذريل هر هر لمحو بہ عِبادَت ۾ شُمار ٿيندو، مسجد سان مَحَبَّت ڪرڻ ۽ اُن ۾ پنهنجو وڌ کان وڌ وقت گُذارڻ جي وڏي فضيلت آهي جيئن

حضرت سَيدُنا ابُو سَعِيد خُدْرِي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاه نُبُوّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون: جڏهن توهان ڪنهن شخص کي ڏسو تہ اهو مسجد ۾ ڪثرت سان اچ وڃ رکڻ وارو آهي تہ ان جي ايمان جي شاهدي ڏيو ڇو تہ الله خالق و مالڪ عَزَّوَجَلَّ جو ارشادِ پاڪ آهي:

اِنَّمَا يَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ (پ ١٠، التوبہ :١٨)

ترجَموڪنز الايمان: الله جُون مسجدُون تہ فقط اُهي ئِي آباد ڪندا آهِن جيڪِي الله ۽ قِيامَت تي اِيمان رکن.[1]

حضرت سَيدُنا ابُو سَعِيد خُدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ رحمت عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو مسجد سان مَحَبَّت ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ اُن کي پنهنجو مَحبوب بڻائيندو آهي.[2]

---

[1] …ترمذی ، کتاب الایمان ، با ب ماجا ء فی حرمۃ الصلوۃ ،رقم: ٢٦٢٦، ٢٨٠/٤

[2] …مجمع الزوائد ،کتا ب الصلوۃ ،با ب لزوم المساجد ،رقم:٢٠٣١، ١٣٥/٢



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اڄ جي هن پُرفِتَن دَور ۾ تبليغِ قرآن و سُنّت جي عالمگير غير سياسي مسجد ڀريو تحريڪ دعوتِ اسلامي سنتن ڀريو پاڪيزه ماحول مُهيا ڪري رهي آهي. الله عَزَّوَجَلَّجي فضل وڪرم سان هن مدني ماحول سان وابسته ٿي خبر ناهي ڪيترن گُناهگارن کي تَوْبہ جي تَوْفيق ملي ۽ هاڻي اهي صلوٰة وسُنّت جا پابند ٿي هڪ باعمل ۽ باڪردار مُسَلمان جي حَيثِيت سان زندگي گُذاري رهيا آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ في زمانہ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول نماز روزي جي پابندي ۽ مسجدن جي اَدب و اِحْتِرام جو خيال رکندي انهن جي آبادڪاري جي سلسلي ۾ نهايت ئي اهم ڪردار اَدا ڪري رهيو آهي تنهنڪري جيڪڏهن اسان بہ پنهنجي دلين ۾ مسجد سان محبت ۽ انهن کي آباد ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا علمِ دين جي روشني سان پنهنجي عقيدن ۽ عملن جي دُرستي چاهيون ٿا تہ رَمَضانُ المُبارَڪ جي صُورت ۾ اسان وٽ اهو هڪ بهترين موقعو آهي جو اسان دعوتِ اسلامي تحت مختلف هنڌن تي ٿيڻ وارن اِجْتِماعي اِعْتِڪاف جي سعادت حاصل ڪيون، ڪهڙي خبر آئينده سال رَمَضانُ المُبارَڪ نصيب ٿئي يا نہ ٿئي، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ سڄي رمضان جي مهيني جو اعتڪاف مختلف شهرن ۽ ملڪن ۾ ٿئي پيو ان ڪري سڀ اسلامي ڀائر ان ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪن نہ تہ گهٽ مان گهٽ آخري عشري جي اعتڪاف جي تہ ضرور بالضرور ڪوشش ڪن.

اچو! بطورِ ترغيب دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ اِعْتِڪاف ڪرڻ جي برڪتن سان مالا مال هڪ مدني بهار اوهان جي سامهون بيان ڪيان ٿو ٻڌو، خُوشي وچان جُهومو ۽ اِنهيءَ رَمَضانُ المُبارَڪ ۾ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ اِعْتِڪاف ڪرڻ جي نيت ڪري ونو جيئن



www.dawateislami.net

# ڪالو چاچا جي ايمان افروز وفات

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ 693 صفحن تي مشتمل ڪتاب ” فيضانِ رمضان “ جي صفحي 507 تي آهي: مدينة الاولياء احمد آباد شريف (گجرات، الهند) جا ڪالو چاچا (عمر تقريبًا 60 سال) رمضان المبارڪ (1425ھ بمطابق 2004ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ شاهي مسجد (شاهِ عالم، احمد آباد شريف) ۾ ٿيڻ واري تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي اجتماعي اعتڪاف ۾ معتڪف ٿي ويا. هونئن تہ هي پهريان کان ئي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هئا پر عاشقانِ رسول سان گڏ اجتماعي اعتڪاف ۾ شموليت ڪين پهرئين ئي پيري نصيب ٿي هئي. ڪين اعتڪاف ۾ گهڻو ڪجهہ سکڻ جو موقعو مليو ۽ گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي 72 مدني انعامات مان پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي ترغيب واري ٻئي مدني انعام جو خوب جذبو مليو جيئن تہ انهن پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي عادت ٺاهي ڇڏي. 2 شوال المڪرم يعني عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر ڪيائون. مدني قافلي مان واپسيءَ جي پنجن ڇهن ڏينهن کان پوءِ يعني 11 شوال المڪرم (سن 1425ھ، 2004ع) جو سندن ڪنهن ڪم سان بازار وڃڻ ٿيو. مصروفيّت بہ هئي پر ڪين دير جي صورت ۾ پهرين صف رهجي وڃڻ جو خدشو هو. تنهن ڪري سڄو ڪم ڇڏي ڪري مسجد جو رخ ڪيائون ۽ اذان کان پهريان ئي مسجد ۾ پهچي ويا، وضوڪري جيئن ئي بينا تہ ڪِري پيا، ڪلمو شريف ۽ درود پاڪ پڙهندي ئي سندن روح جسماني پڃري مان پرواز ڪري ويو. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّاۤ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ



www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اجتماعي اعتڪاف جي برڪت سان مدني انعامات جي بئي مدني انعام پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي ملندڙ جذبي ڪالو چاچا ڪي انتقال جي وقت بازار جي غفلت ڀري فضائن کان ڪٽي مسجد جي رحمت ڀري فضائن ۾ پهچائي ڇڏيو ۽ ڪيڏي خوش نصيبي جو آخري وقت ڪين ڪلمو ۽ درود شريف نصيب ٿي ويو. سُبحٰن اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ! ۽ جنهن ڪي مرڻ مهل ڪلموشريف نصيب ٿي وڃي ان جو قبر ۽ حشر ۾ ٻيڙو پار آهي. جيئن تہ نبيءِ رحمت، شفيع امت، مالڪِ جنّت، محبوبِ ربّ العزّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي. جنهن جو آخري ڪلام: لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ هجي، اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو. [1] وڌيڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت ڏِسو: جيئن تہ انتقال کان ڪجھ ڏينهن پوءِ سندن پٽ خواب ۾ ڏٺو تہ مرحوم ڪالو چاچا سفيد لباس ۾ ملبوس مٿي تي سبز سبز عمامي شريف جو تاج سجائي مُسڪرائيندي چئي رهيا آهن: پٽ! دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن ۾ لڳل رهو جو انهيءَ مدني ماحول جي برڪت سان مون تي ڪرم ٿيو آهي.

| | |
|---|---|
| مَوت فضلِ خُدا سے ہو ایمان پر | مدنی ماحول میں کرلو تم اِعْتِکاف |
| رَبّ کی رَحمت سے پاؤ گے جنّت میں گھر | مدنی ماحول میں کر لو تم اِعْتِکاف |

(وسائلِ بخشش،ص ۶۴۰)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرض روزا ڪيتري ئي سخت گرمي ۾ اچن، بغير شرعي مجبوري

1...ابوداود،۳/۱۳۲، حديث:۳۱۱۶



www.dawateislami.net

جي هرگز هرگز هڪ روزو بہ قضا نہ ٿئي، جيڪڏهن اسان پنهنجن بُزرگن جي طرزِ عبادت کي پيشِ نظر رکي ڪجهہ همّت ڪيون تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ گرمي جي روزن ۾ تڪليف جي بدران لذّت محسوس ڪنداسين. ڪيئي اهڙا بہ الله وارا گُذريا آهن جيڪي سڄو سال يا سال جا اڪثر ڏينهن روزو رکي گُذاريندي هئا ۽ خاص طور تي گرمي جي روزن ۾ اُنهن کي ايتري قدر لذّت محسوس ٿيندي هئي جو مَوت جي وقت بہ جيڪڏهن انهن کي ڪنهن شيءِ جو افسوس ٿيندو هو تہ صِرف هن ڳالھ جو تہ مرڻ کان بعد اسان کي گرمي جي روزن جي سعادت ۽ لُطف و سُرور ڪيئن نصيب ٿيندو.

دو جہاں کی نعمتیں ملتی ہیں روزہ دار کو

جو نہیں رکھتا ہے روزہ وہ بڑا نادان ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اچو عبادت جي شوق ۽ گرمي جي روزن جي ذوق جي حوالي سان الله وارن جي ڪجهہ وڌيڪ واقعا ٻڌون ٿا تہ جيئن اسان جي دل ۾ ان جو جذبو پيدا ٿئي. جيئن

حضرت سيدُنا مُعاذ بن جبل رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي وصال جو وقت جڏهن ويجهو ٿيو تہ پاڻ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! آئون تو کان ڊڄان تو ۽ اڄ تو کان اُميدون رکان ٿو، اي الله عَزَّوَجَلَّ! تُون ڄاڻين ٿو تہ مان دُنيا ۾ وڌيڪ عرصو رهڻ ان ڪري پسند نہ ڪندو هئس جو واھ جاري ڪيان ۽ وڻ لڳايان، بلڪ مان وڌي عمر کي ان ڪري پسند رکندو هئس تہ جيئن (روزو رکي ڪري) سخت گرمين ۾ اڃ جي شِدّت کي برداشت



www.dawateislami.net

ڪيان، وڏين راتين ۾ (عبادت ڪري) تڪليفون برداشت ڪندو رهان ۽ علمِ دين جي محفلن ۾ عالمن جي سامهون گوڏا پيجي ويهان.[1]

حضرتِ سيدُنا يزيد رَقّاشي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه پنهنجي مَوت جي وقت روئڻ لڳا ته انهن کي عرض ڪيو ويو: اوهان رُئو ڇو ٿا؟ ته ارشاد فرمايائون: مان ان ڪري روئان ٿو ته جو مون کي راتين جو قيام، ڏينهن جي روزن ۽ ذڪر جي مجلسن ۾ حاضري جو موقعو نه ملندو.[2]

حُجَّةُ الاِسلام حضرت سَيدُنا امام محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه ارشاد فرمائن ٿا ته حضرت سَيدُنا عامر بن عبدِ قَيس رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه پنهنجي وفات جي وقت روئڻ لڳا. جڏهن انهن کان روئڻ جو سبب پُڇيو ويو ته ارشاد فرمايو: مان مَوت جي ڊپ يا دُنيا جي مَحَبَّت ۾ نه پيو روئان، بلڪ گرمين جي روزن ۾ ٻنپهرن جي اُڃ ۽ سياري جي ڊگهي راتين ۾ نفل نماز جي جدائي تي روئي رهيو آهيان.[3]

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته هنن مُبارڪ هستين کي شديد گرمي جي روزن جي سخت اُڃ ايتري قدر پسند هئي جو پنهنجي مَوت جي وقت هن ڳالهه تي لُڙڪ وهائي رهيا آهن جو مَوت کان بعد گرمي جي روزن جي اُڃ واري شِدّت جي لذّت ڪيئن نصيب ٿيندي، نماز ۽ روزن جي اهي

---

[1] ...احياء العلوم،٥/٥٧٣

[2] ...حکايتيں اور نصيحتيں،ص١٣٢

[3] ...احياء العلوم، ٥/٥٧٥



www.dawateislami.net

بزرگ ايتري قدر ڪثرت ڪندا هئا جو جڻ ان جي علاوه اُنهن ڪي ٻي ڪنهن دُنياوي شيء سان ڪا دلچسپي ئي نہ هئي جيئن تہ

حضرت سيدُنا مُصْعَب بن ثابِت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جيڪي تمام گهڻا متقي ۽ عبادت گُذار هئا. روزانو هڪ هزار (1000) نفل پڙهندا هئا ۽ هميشہ روزا رکندا هئا.[1]

حضرتِ سيدُنا ابراهيم بن اَدْهم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهفرمائن ٿا تہ هڪ عبادت گُذار شخص بيمار ٿي ويو تہ اسان ان جي عيادت جي لاءِ ان وٽ وياسين. اهو وڏا وڏا ساهہ کڻي افسوس ڪرڻ لڳو. مون ان کي چيو: ڪهڙي ڳالهہ تي افسوس ڪري رهيا آهيو؟ تہ ان ٻڌايو: ان رات تي جيڪا مون سمهي گذاري ۽ ان ڏينهن تي جنهن ڏينهن مون روزو نہ رکيو ۽ اُن گهڙي تي جنهن ۾ آئون الله عَزَّوَجَلَّجي ذڪر کان غافل رهيس.[2]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿورو سوچيو تہ جنن پنهنجي زندگي ۾ نفل نمازن يا نفلي روزن ۾ معمولي ڪوتاهي ٿيڻ تي پنهنجي مَوت جي وقت ايتري قدر افسوس ٿيندو هو، اُنهن جي باري ۾ فرض نمازن يا فرض روزن ۾ سُستي جو تہ تصوّر بہ نٿو ڪري سگهجي، ٿورو غور ڪيو!! تہ اسان ۾ ۽ اُنهن الله وارن ۾ ڪيتري قدر فرق هو جو اسان وٽ عام طور ماڻهن کي مَوت جي وقت دُنيا ڇڏي وڃڻ جو غم ستائي رهيو هوندو آهي ۽ اُنهن کي عبادت کان محرومي جو غم روئاري پيو، اسان کي صرف

---

[1]...عيونُ الحڪايات، حصہ دوم،ص٣٢۴ بتغير قليل

[2]...حڪايتين اور نصيحتين،١٣٣



www.dawateislami.net

دُنياوي بهتري جو فڪر آهي ۽ انهن نُفوسِ قُدسيہ کي قبر و حشر ۽ آخرت جو فڪر دامن گير آهي، اسان جي لاءِ دُنياوي عيش و عشرت ۽ مال و دولت جي بغير زندگي بي رنگ آهي۽ اُن الله وارن جي لاءِ نمازون، روزا ۽ ٻي عبادتن جي بغير زندگي بي مزه آهي. جيئن تہ

حضرت سيدُنا ابُودَرْدَاء رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ فرمائيندا هئا تہ جيڪڏهن 3 شيون نہ هجن ها تہ مان مَوت کي ترجيح ڏيان هئا. عرض ڪيو ويو: اهي 3 شيون ڪهڙيون آهن؟ ارشاد فرمايائون: ڏينهن رات پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ سجدا ڪرڻ، سخت گرمي جي ڏينهن ۾ اُجايل رهڻ (يعني روزا رکڻ) ۽ انهن ماڻهن جي صحبت ۾ ويهڻ جيڪي ڪلام کي عمده ميون جيان چونديندا آهن.(1)

حضرت سَيدُنا علي المرتضيٰ،شير خدا كَرَّمَ اللہ تَعَالٰی وَجْهه الْكَرِيم ارشاد فرمائن ٿا: مون کي دُنيا ۾ 3 شيون پسند آهن: (1) اَلضَّرْبُ بِالسَّيفِ يعني تلوار سان جهاد ڪرڻ، (2) اَلصَّوْمُ بِالصَّيفِ يعني گرمي جا روزا رکڻ ۽ (3) اِكرَامُ الضَّيفِ يعني مهمان جي مهمان نوازي ڪرڻ.(2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اچو! روزن جا ڪجھ وڌيڪ فضائل ۽ انعامات ٻڌون ٿا، جيئن

---

[1]...الزهد الكبير للبيهقى،الجزء الخامس، ص٣٢٤،حديث:٨٧٠

[2]...روح البيان،پ٢٠،النمل، تحت الآية:٦،٦٢/٢٦٤



www.dawateislami.net

## گرمي جا روزا رکڻ جو انعام

حضرت فقيہ ابُو اللَّيث سمرقندي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن ماڻهو قبرن مان بکايل اُڃايل اٿندا تہ جنهن شخص گرمي جي ڏينهن ۾ نفلي روزا رکيا هوندا الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنّت جا کاڌا ۽ جنّتي مشروبات موڪليندو، اُن جو روزو ايندو ۽ حوض تان ماڻهن کان هٽائيندي جام ڀري ڀري ان کي خُوب سيراب ڪندو.[1]

## قبر مان مُشڪ جي خُوشبو

حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن غالب حدّاني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِي جي تدفين کان پوءِ سندن جي قبر شريف جي مٽي مان مُشڪ جي خوشبو ايندي هئي. ڪنهن خواب ۾ ڏسي پُڇيو مَا صنعتَ؟ يعني اوهان سان ڇا معاملو ڪيو ويو؟ چيائون، "سٺو معاملو فرمايو ويو." پُڇيائين اوهان کي ڪيڏانهن نيو ويو؟ فرمايائون. "جنّت ۾" پُڇيائين، "ڪهڙي عمل جي سبب؟" فرمايائون: ايمانِ ڪامل، تهجُّد ۽ گرمين جي روزن جي سبب، "وري پُڇيائين: "اوهان جي قبر مان مُشڪ جي خوشبو ڇو اچي رهي آهي؟" تہ جواب ڏنائون: "هي منهنجي تلاوت ۽ روزن جي اُڃ جي خوشبو آهي."[2]

## روزي سان صحت ملندي آهي

اميرِ المؤمنين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ الۡمرتضيٰ شيرِ خُدا ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم کان مروي آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، رسولِ

---

[1]...قرة العيون ومفرح القلب المحزون،الباب السادس فى عقوب النائحة، ص٣٩٦،رقم:٢٠٢

[2]...حلية الاولياء،مغيرة بن حبيب،٢٦٦/٦،حديث:٨٥٥٣



www.dawateislami.net

مقبول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ صحت نشان آهي،” بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ بني اسرائيل جي هڪ نبي عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي تہ توهان پنهنجي قوم کي خبر ڏيئي ڇڏيو تہ جيڪو بہ ٻانهو منهنجي راضپي لاءِ **هڪ ڏينهن جو** روزو رکندو آهي تہ مان ان جي **جسم کي صحت** بہ عطا فرمائيندو آهيان ۽ ان کي عظيم اجر بہ ڏيندس. (1)

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي تصنيف ”فيضانِ رمضان“ جي صفحي نمبر 105 تي لڪن ٿا تہ الملفوظ حصي ٻئي ص 143 تي آهي، منهنجا آقا اعلیٰ حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ارشاد فرمائن ٿا: ”هڪ سال رمضان المبارڪ کان ٿورو عرصو پهريان منهنجا والد مرحوم حضرت رئيس المُتَکَلِّمِين سيّدُنا و مولانا نقي علي خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن خواب ۾ تشريف کڻي آيا ۽ فرمايائون: پٽ! ايندڙ رمضان المبارڪ ۾ توهان سخت بيمار ٿي پوندؤ پر خيال رکجو ڪو روزو قضا نہ ٿيڻ گهرجي. واقعي پنهنجي والد صاحب جي ارشاد موجب رمضان المبارڪ ۾ آءُ سخت بيمار ٿي پيس. پر ڪو روزو نہ ڇڏيم. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! روزن جي ئي برڪت سان الله عَزَّوَجَلَّ مون کي صحت عطا فرمائي ۽ صحت ڇو نہ ملي ها جو سيّد المحبوبين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشادِ پاڪ بہ تہ آهي: ” صُوْمُوْا تَصِحُّوا يعني روزو رکو صحتياب ٿي ويندؤ“. (2)

---

[1] ...شعب الايمان،باب فی الصيام،اخباروحکايات فی الصيام،۴۱۱/۳،حديث:۳۹۲۳

[2] ...معجم اوسط،من اسمه موسی،۱۴۷/۶،حديث:۸۳۱۲



www.dawateislami.net

## چا روزي سان ماڻهو بيمار ٿيندو آهي؟

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! ٻڌو اوهان ته اسلام اسان کي صحت ۽ تندرستي جي نعمت ماڻڻ ۽ تمام گهڻو ثواب حاصل ڪرڻ جو ڪهڙو زبردست مدني نسخو عطا فرمايو آهي جو جيڪو ٻانهو رضاءِ الٰهي جي لاءِ صرف هڪ روزو رکندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي زبردست اجر ۽ ثواب سان گڏوگڏ صحت و تندرستي جي نعمت سان به نوازيندو آهي. غور ته ڪيو جو جڏهن هڪ روزو رکڻ جي اها جزا آهي ته جيڪي خُوش نصيب سڄي رَمَضانُ المُبارَڪ جي مهيني جا روزا رکندا آهن، انهن جي ثواب ۽ انهن کي بارگاه خداوندي مان ملڻ وارن انعامن جو اندازو ڪير لڳائي سگهي ٿو. پر افسوس! ڪن ماڻهن کي اهو چوندي ٻڌو ويو آهي ته اسان ته فُلاڻي فُلاڻي مهيني يا سڄي رَمَضانُ المُبارَڪ جا باقاعدگي سان روزا رکندا آهيون پر تندرست ٿيڻ بدران الٽو بيمار ٿي ويندا آهيون ۽ روزو رکي ڪنهن ڪم جا نٿا رهون، ائين محسوس ٿيڻ لڳندو آهي جو جيئن جسم بي جان ٿي ويو آهي وغيره وغيره، ته ياد رکو! هن ۾ روزن جو ڪو قُصور ناهي هوندو بلڪ قصور اسان جو پنهنجو هوندو آهي مثال طور ڪي ماڻهو کائڻ پيئڻ جي معاملن ۾ حد کان وڌي ويندا آهن جو جيڪڏهن پنهنجي معدي تي اُن جي طاقت کان وڌيڪ بار وجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ سحري و اِفطاري ۾ مُرَغّن، تيل ۾ تريل ۽ چٽخاري دار کاڌا، پراٺا، برگر، پڳل سيون، سيخ ڪباب ۽ بوٽي، سموسا، رول، پڪوڙا، ٿڌا شربت، باربي ڪيو، برياڻيون ۽ خبر ناهي ڪهڙيون ڪهڙيون غذائون پنهنجي معدي ۾ خوب ڀريندا سين ته ويچارو معدو آخِر ڪهڙي ڪهڙي شيء کي ڪهڙي طرح



www.dawateislami.net

هضم ڪري سگهندو؟ نتيجتاً نظامِ اِنهضام (Digestive System) دَرهم بَرهم ٿي ويندو، مِعدو بيمار ٿي ويندو ۽ پوءِ سڄي جسم کي اَمراض فَراهم ڪرڻ لڳندو جيئن ته

رسولِ اڪرم،نورِ مُجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ حِڪمت نِشان آهي، مِعْدو بدن ۾ حَوض وانگر آهي ۽ (بدن جون) ناليون (يعني رَڳون) مِعْدي جي طرف ايندِيون آهن جيڪڏهن مِعْده صحّتمند آهي ته رَڳون (مِعْده مان) صحت کڻي موٽنديون آهن ۽ جيڪڏهن مِعْدو خراب آهي ته رڳون بيماري کڻي واپس موٽنديون آهن .[1]

تنهنڪري روزي ۾ به ۽ روزي کان علاوه به کائڻ پيئڻ جي معاملن ۾ خُوب احتياط ڪرڻ گهرجي ۽ روزن ۾ طاقت کان وڌيڪ محنت ۽ مشقت وارو ڪم ڪرڻ کان به بچڻ گهرجي، ڇو ته روزي جي حالت ۾ طاقت کان وڌيڪ محنت ڪئي وڃي ته ان سان به جسم تي خراب اَثرات مُرَتَّب ٿيندا ۽ روزو رکڻ يا رکي ڪري ان کي پورو ڪرڻ دُشوار ٿي ويندو آهي. بدقسمتي سان مال و دولت ڪمائڻ جي حرص جي وجه سان بعض نادان مسلمان رَمَضان جو مهينو ايندي ئي عبادت جي ڪثرت جي بدران مال دولت جي خاطر روزي ۾ به طاقت کان وڌيڪ محنت ۽ مَشَقَّت وارو ڪم ڪندا آهن جنهن سان انهن جي بدن ۾ ڪمزوري وڌي ويندي آهي، نتيجتاً روزي رکڻ کان معذور ٿي ويندا آهن ۽ رکندا به آهن ته ڪڏهن ڪڏهن

[1] ...شُعبُ الايمان ،باب فی المطاعم والمشارب،فصل فی طيب المطعم والملبس،۶۶/۵،حديث:۵۷۹۶



www.dawateislami.net

توڙيندا آهن حالانڪ رَمَضانُ المُبارَڪ جي ڏينهن ۾ اهڙو ڪم ڪرڻ جي شرعاً اجازت ئي ناهي جو جنهن سان بدن ۾ ڪمزوري پيدا ٿي وڃي ۽ روزو ٽوڙڻ جو ظَنّ غالب ٿئي جيئن تہ

صدرُ الشَّريعہ بدرُ الطَّريقہ حضرتِ علاّمہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: رمضان المبارڪ جي ڏينهن ۾ اهڙو ڪم ڪرڻ جائز ناهي جنهن سان اهڙو ضُعف (يعني ڪمزوري) اچي وڃي جو روزي ٽوڙڻ جو ظنِ غالب ٿئي تنهن ڪري نانوائيءَ کي گهرجي تہ ٻنپهرن تائين مانيون پچائي پوءِ باقي ڏينهن ۾ آرام ڪري. اهو ئي حڪم مستري ۽ مزدور ۽ ٻين سخت محنت جو ڪم ڪرڻ وارن جو آهي. وڌيڪ ضعف (يعني ڪمزوري) جو انديشو هجي تہ ڪم ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏين تہ جيئن روزو ادا ڪري سگهن.[1]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اها ڳالهہ ذهن نشين رکو تہ جيڪڏهن واقعي ڪنهن کي ڪو اهڙو مرض ٿي ويو آهي جو جنهن ۾ روزي رکڻ سان بيماري ۾ شِدَّت اچڻ جو ظَنّ غالب آهي تہ هن باري ۾ فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام قرآن و حديث جي روشني ۾ اهڙا رهنما اصول بيان فرمايا آهن، جن جي روشني ۾ روزو تَرڪ ڪرڻ جي اجازت آهي تنهنڪري جيڪي ماڻهو بيماري جي ڪري پنهنجي اندر روزي جي طاقت نٿا رکن انهن کي گهرجي تہ ڪنهن سُنّي صحيحُ العقيده عالمِ دين يا دارُالافتاء

---

[1] ...بہارِ شريعت،حصہ پنجم،۱/۹۹۸



www.dawateislami.net

اهلسنت کان پنهنجي حالت جي مُطابق هن باري ۾ رهنمائي ضرور حاصل ڪن تہ شرعاً مون ڪي روزو قضا ڪرڻ جي اجازت آهي يا نہ، صرف پنهنجي گُمان ۽ خيال جي مُطابق روزو هرگز هرگز ترڪ نہ ڪيو.

## دارُالافتاء اهلسنت

ياد رهي تہ دعوتِ اسلامي جي 103 کان وڌيڪ شعبن مان هڪ شعبو دارُالاِفْتا ء اَهلسُنَّت بہ آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪستان جي هنن شهرن بابُ المدينہ (ڪراچي) ۾ 4، زَم زَم نگر (حيدر آباد باب الاسلام سنڌ)، سردار آباد (فيصل آباد)، مرڪزُ الاولياء (لاهور)، راولپنڊي ۽ گلزارِ طيبہ (سرگوڌا) ۾ دارُالافتاء اهلسنَّت، پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکويل اُمَّت جي شَرعي رَهنمائي ۾ مصروفِ عمل آهن. ان کان علاوه ”دارُالافتاء اهلسنَّت“ جا اسلامي ڀائر ٽيلي فون، واٽس اَيپ (Whatsapp) ۽ اِنْٽر نيٽ تي سڄي دُنيا جي مُسلمانن جي طرفان پڇيا ويل مَسئلن جو حل ٻڌائيندا آهن. اِنْٽرنيٽ جي ذريعي سڄي دُنيا مان هن ميل ايڊريس (darulifta@dawateislami.net) تي سوال پڇي سگهجن ٿا ۽ پڻ دُنيا جي ڪنهن بہ حصي کان شرعي رهنمائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هنن نمبرز تي رابطو بہ ڪري سگهجي ٿو. نمبر نوٽ فرمائي ونو.

0300-0220113-------0300-0220112

0300-0220115--------0300-0220114

پاڪستاني وقت جي مُطَابِق صبح 10 بجي کان شام 4 بجي تائين هنن نمبرز تي رابطو ڪري سگهجي ٿو، جُمُعي جي ڏينهن موڪل هوندي آهي.



www.dawateislami.net

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پورا روزا سنين سنين نيتن سان رکڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللہُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سُنّتيں عام کريں دين کا ہم کام کريں　　نيک ہو جائيں مسلمان مدينے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هٿ ملائڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت، امير اهلسنّت حضرت علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي رسالي”101 مدني گل“مان هٿ ملائڻ جون ڪجھ سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: پهريان ٻہ فرمان مصطفي صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ملاحظہ فرمايو: ۞ جڏهن ٻہ مسلمان ملاقات ڪندي مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) ۽ هڪٻئي کان خيريت معلوم ڪندا آهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي وچ ۾ سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي، جنهن مان نوي رحمتون زياده گرم جوشي سان ملڻ واري ۽ سٺي نموني

---

[1]… مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥



www.dawateislami.net

سان پنهنجي پاءُ کان خيريت پڇڻ واري جي لاءِ هونديون آهن.“[1] ۞ جڏهن ٻه دوست پاڻ ۾ ملندا آهن ۽ هٿ ملائيندا آهن ۽ نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي درود پاڪ پڙهندا آهن ته انهن ٻنهي جي جدا ٿيڻ کان پهريان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گناهه بخشيا ويندا آهن.[2] ۞ ٻن مسلمانن جو ملاقات جي وقت سلام ڪري ٻنهي هٿن سان مصافحو يعني ٻئي هٿ ملائڻ سنّت آهي ۞موڪلائڻ وقت ٻه سلام ڪريو ۽ هٿ ٻه ملائي سگهو ٿا ۞ هٿ ملائڻ وقت درود شريف ٻه پڙهو، ٿي سگهي ته هي دعا ٻه پڙهو: ”يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُمْ“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرماءِ) ﴾ٻه مسلمان هٿ ملائڻ جي دوران جيڪي دعائون گهرندا اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ قبول ٿينديون. هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جي مغفرت ٿي ويندي..[3] اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ ۞ پاڻ ۾ هٿ ملائڻ سان دشمني ختم ٿيندي آهي. ۞ جيترا ڀيرا ملاقات ٿئي هر ڀيري هٿ ملائي سگهو ٿا ۞ ٻنهي پاسن کان هڪ هڪ هٿ ملائڻ سنّت ناهي، مصافحو ٻنهي هٿن سان ڪرڻ سنّت آهي ڪي ماڻهو صرف پاڻ ۾ آڱريون ملائيندا آهن، اهو ٻه سنّت نه آهي ۞ هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجو هٿ چُمڻ مڪروهه آهي.[4] ۞ هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجي تري چمڻ وارا اسلامي ڀائر پنهنجي اها عادت ڇڏي ڏين. ۞ جيڪڏهن اَمرَد (يعني خوبصورت ڇوڪري) سان هٿ ملائڻ ۾ شهوت ٿيندي هجي ته ان سان هٿ ملائڻ جائز ناهي بلڪ جيڪڏهن ڏسڻ ۾

---

[1]...معجم اوسط،۵/۳۸۰،رقم:۷۶۷۲

[2]...شعب الايمان،۶/۴۷۱، حديث:۸۹۴۴

[3]...مسند احمد،۴/۲۸۶، حديث:۱۲۴۵۴

[4]...بہارِ شريعت، حصّہ ۱۶،۳/۴۷۲بتغير قليل



www.dawateislami.net

شهوت ٿئي ته هاٿي ڏسڻ به گناهه آهي.[1] ۞ مصافحو ڪرڻ (يعني هٿ ملائڻ) وقت سنّت هي آهي ته هٿ ۾ رومال وغيره نه هجي، ٻئي تِريون خالي هجن ۽ ترِيءَ سان ترِي ملڻ گهرجي.[2]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مختلف هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں ۽ آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

علم حاصل کرو، جہل زائل کرو — پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو
سنتیں سیکھنے، تین دن کےلیے — ہر مہینے چلیں ، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1 …دُرِّمُختار،۲/۹۸
2 …بہارِ شریعت،حصّہ ۳،۴۷۱/۱۶ملخصاً



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهلک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهٴ ڪرام رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،

سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب في ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net